نصرت شيخ

# طارق عالم ابڙي جي ناول 'رهجي ويل منظر' جو تنقيدي جائزو


### *Abstract:*

*In this article, the writer has presented a critical analysis of a romantic novel "Rehji Wiyal Manzar (The scene that remained) written by a well-known and popular creative writer, Tariq Alam Abro. The author's status was elevated among the contemporary novelists, when he got quite a few awards for this endeavor.*

*In this opinion of critics, the technique was unique, the diction was beautiful with a lot of similes and metaphors, making it impressive.*

*The realistic approach in into expression had left strong impact on quite a few romantic novels, written after this novel was published.*

*The plot is complex, revolving around the romance and betrayals among the main characters who happen to be university students. The sequence of events is not disturbed due to any repetition.*

*The imagery is based on social as well as material lives and styles of the characters. Concluding the critique, the writer has called this novel as realistic and a good addition to the Sindhi Literary treasure.*


**سنڌي** ادب جي واڌاري لاءِ نامياري تخليقڪار، طارق عالم ابڙي جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ڪنهن تعارف جون محتاج ناهن. ڪيس سڀ کان وڌيڪ مقبوليت سندس لکيل شاهڪار رومانوي ناول 'رهجي ويل منظر' جي ڪري ملي آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل هي ناول، طارق عالم ابڙي جي سڃاڻپ بڻجي ويو. هي ناول پهريون ڀيرو ١٩٨٣ع ۾، حسينا سيد پبليڪيشن طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ناول کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران سال جي بهترين ادبي ڪتاب جو ايوارڊ مليو ۽ ٻيو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) پاران 'نسيم کرل گولڊ ميڊل' پڻ مليو. سنڌي ادب ۾ هي پهريون رومانوي ناول آهي، جنهن جا هن مهل





تائين ڪيترائي ڇاپا اچي چڪا آهن، ٻيو ته هي ناول پنهنجي منفرد اسلوب جي ڪري بيحد مقبول آهي. هن ناول جو اردو ۾ 'منظر جو رہ گیا' جي نالي سان ترجمو پڻ ٿي چڪو آهي.

ناول جي ادبي اهميت بيان ڪندي، ڪالم نويس همسفر گاڏهي لکي ٿو ته:
"اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته ڪنهن به فڪشن رائيٽر جو معراج ناول هوندو آهي ۽ طارق جو ناول 'رهجي ويل منظر' سندس ان معراج ماڻڻ جو مظهر آهي. اهو ناول سنڌي جي سمورن ناولن کان گوءِ کٽي ويو جو هيستائين گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي، باقي طارق جو ٻيو علمي ۽ ادبي پورهيو پنهنجي جاءِ تي جيڪو يقيني طور ڪيس زنده رکندو."(١)

طارق عالم ابڙي کي هن ناول، سنڌ جي وڏن ناليوارن ناول نگارن جي فهرست ۾ آڻي بيهاريو آهي، جڏهن اهو ناول منظر عام تي آيو ته وڏا وڏا ليکڪ حيران ٿي ويا ته، طارق عالم ابڙي جهڙو گهٽ ڄاڻ ۽ گهٽ تجربو رکندڙ، ٿيويهن سالن جو نوجوان، ڪيئن ٿو ايڏو شاندار ناول لکي سگهي!

جڳ مشهور اديب ولي رام ولڀ، هن ناول کي هر دور جو ناول چوندي لکي ٿو ته: "اسان جو پڙهندڙ پڪ سان ان ناول ۾ 'پريم ڪهاڻي' جي پويان پنهنجي ملڪي مسئلن جي حل ۽ ڇنڊڇاڻ لاءِ سمورا پنا ورائي ويندو، پر ڪيس خالص انساني جذبن ۽ خواهشن جي ٽڪراءُ جي ڪهاڻيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو. هن دور ۾ اسان جي پڙهندڙن کي هن ناول ۾ هڪ نوجوان جي ڪهاڻي جي فقط راڳڻي لڳي، پر ادبي دنيا ۾ هي ناول هر دور جي ناول جي حيثيت سان مڃيو ويندو."(٢)

سنڌي ادب ۾ ٻين نثري صنفن جي ڀيٽ ۾ ناول تمام گهٽ لکيو ويو آهي. طارق عالم ابڙي، ناول جي صنف کي پنهنجي ناول جي ڪري نئين زندگي بخشي آهي. سنڌي ادب ۾ رومانس تي جيترا به ناول لکيا ويا آهن، انهن سڀني ۾ طارق عالم ابڙي جو ناول 'رهجي ويل منظر' منفرد ٽيڪنيڪ، خوبصورت ۽ وڻندڙ ٻولي، جديد تشبيهن ۽ استعارن جي ڪري نمايان حيثيت رکي ٿو.

هن ناول کان پوءِ ڪيترائي رومانوي ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ اسحاق انصاريءَ جو 'خالي بينچ'، منير چانڊيي جو 'ڪيف ڏاران ڪوءِ' ۽ 'تو ڀڃاڻان'، پرويز ابڙي جو 'تون هڪ خواب آهين'، زاهد گوتم جو 'پٿرن جو شهر'، اهي سيئي ناول

طارق عالم ابڙي جي لکيل ناول ’رهجي ويل منظر‘ کان پوءِ تخليق ٿيا آهن. اسحاق انصاريءَ جو لکيل رومانوي ناول ’خالي بينچ‘ ۽ پرويز ابڙي جو ناول ’تون هڪ خواب آهين‘، طارق عالم ابڙي جي شاهڪار رومانوي ناول ’رهجي ويل منظر‘ کان متاثر ٿيل آهن. ’تون هڪ خواب آهين‘ ناول لاءِ جيڪڏهن اهو چئجي تہ اهو ناول ’رهجي ويل منظر‘ جو نقل آهي تہ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ شروع کان وٺي آخر تائين ڪيترائي مثال موجود آهن، جن جي بنياد تي اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو.

**مثال طور:**

”’هي مس سنڌري آهي‘ هالار ساڻس تعارف ڪرائيندي چيو هو:

تنهنجي ڪلاس فيلو آهي، نوان نوان آهيو هيڏن سارن اسٽوڊنٽس ۾ اجان هڪٻئي کي نہ سڃاڻو هوندو.“[٣]

ناول ’رهجي ويل منظر‘ جي صفحي ٩ تي، نصير، سنجها جو تعارف ساڳئي انداز ۾ ڪرائي ٿو. ناول ۾ هڪ هنڌ پنهون چوي ٿو تہ ”آئون ننڍي هوندي کان حساب ۾ جڏو آهيان. ٨١ لکڻ کان اڳ اهو وسري ويندو اٺم تہ ١ انگ اڳيان ايندو يا پويان ايندو.“ ساڳيو جملو توهان ’تون هڪ خواب آهين‘ ناول جي هن مڪالمي ۾ ڏسي سگهو ٿا: ”چو تہ وڏيڪ انگ ئي ناهن ايندا، شروع کان حسابن ۾ جڏو آهيان.“[٤]

ناول ۾ وري هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”آخر ۾ هُن سائن ڪرڻ بدران چپن تي لڳل لپسٽڪ سان اٽيسٽيڊ جو ٺپو هڻي ڇڏيو هو ۽ منهنجي بي رنگ ڊائريءَ ۾ انهيءَ ڏينهن جي تاريخ وارو پيج رنگين بڻجي ويو هيو.“[٥]

اهو ساڳيو جملو ساڳي ئي انداز ۾ ناول ’رهجي ويل منظر‘ جي صفحي ٦٠ تي ملي ٿو.

ناول جي هيروئن سنڌيا جي ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ وارو تصور پڻ ناول ’رهجي ويل منظر‘ تان کنيو ويو آهي.

فني حوالي سان جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ هن ناول ۾ ڪافي ڪچايون آهن. هڪ تہ ناول جي ڪهاڻي تمام ڊگهي آهي، جيڪا پڙهندڙن کي بوريت جو شڪار بڻائي ٿي، ٻيو ڪردارن جي گهٽائي ۽ رومانوي واقعن جي ورجاءَ سبب ناول متاثر ٿيو آهي. ناول جا مرڪزي ڪردار سنڌيا ۽ هالار، پوري ناول ۾ هڪ ئي رُخ ۾ هلن ٿا، جڏهن تہ





ڪامياب ناول لاءِ اهو شرط لازمي آهي تہ ڪردار گهڻ رخا هجڻ گهرجن، جيڪي ناول جي ڪهاڻيءَ کي منطقي انجام تائين پهچائين.

اخلاق انصاريءَ جو لکيل ناول ’خالي بينچ‘ وجودي فڪر واري فلسفي تي ٻڌل آهي. آرٽسٽڪ انداز سان لکيل هن ناول جو پلاٽ ۽ مرڪزي خيال اڻ سڌي طرح ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ رونما ٿيندڙ واقعن مان کنيل آهن. ناول جي مرڪزي ڪردار ساحره ۽ ثاقب جو تعلق ’امرتا پريتم‘، امروز، سارتر ۽ سائمن دي بواز، هندستان جي ڪامني ڪوشل ۽ دليپ ڪمار جهڙن تعلقن سان نهڪندڙ معلوم ٿئي ٿو.

بيانيہ انداز ۾ لکيل ٽنهي ناولن جو جيڪڏهن تنقيدي جائزو وٺنداسين تہ بيشڪ ٽئي ناول ساڳئي موضوع تي ٻڌل بهترين منظرنگاري، اعليٰ ڪردار نگاري، مضبوط، چست ۽ قرئت مڪالمي، تحرير جي وڻندڙ اسلوب ۽ جديد خوبصورت ٻوليءَ کي مدنظر رکندي لکيا ويا آهن، پر ٻنهي جي مقابلي ۾ طارق عالم ابڙي جو ناول وڌيڪ تخليقي لڳي ٿو. ان جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ اسان جا هي ٻئي ناول نگار محض ڪهاڻيڪار ليکڪ آهن، پر طارق عالم ابڙو، هڪ اهڙي گهر ۽ ماحول ۾ اُسريو ۽ اُپريو، جتي ان جو والد صاحب محمد عالم ابڙو عظيم فوٽوگرافر هو، سنڌس وڏو ڀاءُ دارا عالم ابڙو بهترين چترڪار هو، قيس عالم، ۽ اياز عالم مصور هئڻ سان گڏ بهترين ڊراما نگار ۽ ڊائلاگ رائيٽر طور مشهور هئا.

هن ناول جو قد ڪاٺ بيان ڪندي محمد بخش ڏاهري لکي ٿو تہ: ”طارق عالم جو لکيل ناول سنڌي ادب جي فڪشن تي وڏي ڇاپ ڇڏي ويو آهي، ڇاڪاڻ ان ۾ هر پڙهندڙ کي پنهنجو عڪس نظر اچي ٿو، جيتوڻيڪ ان پسمنظر ۾ ٻين دوستن بہ اهڙا ناول لکيا، پر طارق عالم جو اهو ناول اڄ بہ انهن کان وڌيڪ مقبول آهي، چو تہ هن اُن ناول ۾ رڳو لفظ نہ لکيا هئا، پر هر اکر ۾ پنهنجي روح جو رنگ بہ ڀريو هو. اهڙو رنگ جيڪو برش ذريعي ڀرڻ تہ سنڌس خاندان ۾ عام آهي، پر هن جيڪو انتخاب لفظن ۾ رنگ ڀرڻ جو ڪيو هو، اهو ڪم ڏاڍو مشڪل هو.“[٦]

مجموعي طور هن ناول کي سڄي سنڌ ۾ مڃتا ملي آهي. ايتري قدر جو عبدالقادر جوڻيجي جهڙي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار جي راءِ آهي تہ: ”گذريل سٺن انن سالن کان شيخ اياز جي لکٽي کي ڇڏي مون ڪابہ اهڙي لکٽي نہ پڙهي آهي، جنهن هن

ناول وانگر مون کي حيرت ۾ وڌو هجي ۽ ان ۾ ايترو جڪڙيو هئس، جو صبح ١١ وڳي کان شام ٧ وڳي تائين هڪڙي ئي نشست ۾ پڙهي ويو هجانس."[٧]

**پلاٽ:**

طارق عالم ابڙي جي ناول 'رهجي ويل منظر' جو پلاٽ مرڪب آهي. ناول جي پريم ڪهاڻيءَ جي واقعن کي مناسب ٽيڪنڪ ۽ سوچيل سمجهيل رٿا سان پيش ڪيو ويو آهي. اهم ڳالهه ته واقعن ۾ ورجاءُ ڪونهي ۽ ٻيو ته واقعن ۾ تسلسل به برقرار رکيو ويو آهي، جيڪو پڙهندڙ جي دل تي اثر ڪري ٿو ۽ هُو واقعن جي نتيجي تي پهچڻ جو بي چينيءَ سان منتظر رهي ٿو. ناول 'رهجي ويل منظر' مخاطب ڪرڻ واري انداز ۾ لکيل آهي. هن ناول جي پيشڪش جو انداز به نهايت وڻندڙ ۽ دلچسپ آهي، چاڪاڻ ته جڏهن ماڻهو پڙهڻ ويهي ٿو ته هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پوري ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. ليکڪ هن ناول کي اجاين ڳالهين ۽ ڊيگهه کان بچايو آهي، جنهن سبب ناول جي ڪهاڻي، پڙهندڙن کي آخر تائين پنهنجي سحر ۾ وڪوڙي ٿي ڇڏي.

ناول جي ڪهاڻي بابت ڄام آدرش چوي ٿو ته: "ناول جو اصل موضوع ته پيار آهي، پر ان موضوع جي پٺيان طارق ڪيترائي موضوع ۽ سمجهاڻيون ڪٺي هلي ٿو، حالتون ۽ واقعا ڪٺي هلي ٿو. اسان جي سماجي براين ۽ ڀلاين جي اپٽار ٿو ڪري، دوستن جا رويا، گهر ڀاتين کان ٿيندي، دوستن جي گهر وارن تائين حالتن جا رخ ڪيئن بدلجندا رهن ٿا، پيار نه رڳو پنهون ڪري ٿو، پيار ته ڄام به ڪري ٿو. هي هر پيار ڪندڙ جي ڪهاڻي آهي، هيءَ ڪهاڻي هر ماڻهوءَ کي ڇهندڙ ڪهاڻي آهي، ڪو نه ڪو واقعو، ڪا نه ڪا وارتا ضرور ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن کي ضرور ڇهندي هوندي."[٨]

**ڪردار نگاري:**

هن ناول جا مرڪزي ڪردار سنجها ۽ پنهون آهن. سنجها، ناول جي هيروئن، معمولي شڪل جي بهادر پر فلرٽ ڇوڪري آهي، جيڪا يونيورسٽيءَ ۾ جرنلزم ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندي آهي. پنهونءَ کان اڳ به هوءَ ڪيترن ئي ڇوڪرن سان رومانس ڪري چڪي هئي. يونيورسٽيءَ کان اڳ ڪاليج واري زماني ۾ به سنجها جو جليل نالي هڪ ڇوڪري سان زبردست رومانس هو، جيڪو مشڪل سان پونا ٻه سال هليو. پنهونءَ





کان پوءِ به پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي سينيئر شاگرد ڪردار ٽيلي اسٽار ۾ به دلچسپي وٺڻ لڳندي آهي. پنهونءَ کي ان ڳالهه جو شديد ڏک ٿيندو هو. سنجها جي اهڙي اڻ وڻندڙ ۽ ڏکوئيندڙ رويي تي پنهون چوي ٿو ته: "تون پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي هڪ شاگرد، جيڪو توکان سال سينيئر هو، ان ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي هئين، اندر ئي اندر پُري پيو هئس خبر ناهي ڇا ڏسي ورتو هو تو ان اڇاتري ماڻهو ۾؟.... توکي ڪيترا پيرا هن سان ڪمپني ڪندي ڏٺو هئم. انهن ڏينهن ۾ پنهنجي نيڻن ۾ پيار جا گلاب مرڪندي ڏٺا هئم، محسوس ٿيو هئم ڄڻ مون غلطيءَ سان ڪنهن غلط اسٽيشن تي لهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، يا شايد توکي سڌ نه هئي ته تو جنهن کي سورج پئي ڄاتو سو حقيقت ۾ ڪنهن ملڪ طرفان جڙتو اپگرهه کان گهٽ نه هو."[٩]

سنجها پنهنجي دغا باز طبيعت سبب پنهون جهڙي سچي ۽ باوفا عاشق سان پڻ نباهه ناهي ڪري سگهندي، مفاد پرستيءَ جي آڙ ۾ ڪيس ٽڏي هلي ويندي آهي ۽ ٻئي سان شادي ڪري ڇڏيندي آهي.

ناول ۾ سنجها جو ڪردار منافق پڻ آهي، ڇو جو هوءَ هرو ڀرو ڪوڙ جو سهارو وٺي ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪندي آهي، جهڙي ريت هن پنهون سان ڪوڙ ڳالهايو ته هوءَ ڪينسر جي بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. بلڪل ساڳي ريت هوءَ ناول جي ثانوي ڪردار ظهير کي يقين ڏياريندي آهي ته هوءَ دل جي مريض آهي، پنهونءَ سان پيار ڪري ٿي، جنهن کيس ڏکن، تڪليفن ۽ نفرت کان سواءِ ڪجهه به ناهي ڏنو ۽ چوي ٿي ته پنهونءَ جي رويي جي ڪري آئون ننڊ جون گوريون کائيندي آهيان ۽ سگريٽ پيئندي آهيان، مليل تڪليف گهٽائڻ لاءِ.

سنجها جي ڪردار جو جيڪڏهن نفسياتي تجزيو ڪيو وڃي ته سندس شخصيت ۾ ڪي منفي لاڙا نظر اچن ٿا. هوءَ اڄ جي ماديت پرست دور جي عڪاسي ڪندڙ ڪردار آهي. هيٺين ۽ وچين طبقي سان تعلق رکندڙ ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين عهدي، بنگلي، گاڏي، بينڪ بيلينس ۽ پُر آسائش زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪنديون آهن، گهربل منزل ماڻڻ لاءِ جائز توڙي ناجائز طور طريقا اختيار ڪنديون آهن، انهيءَ حاصلات جي جنگ جي ڪشمڪش ۾ هُو بيحد محبت ڪندڙ، سچي عاشق سان به ويساهه گهاتيون ڪنديون آهن. گهڻو ڪري مڊل ڪلاس ڇوڪري

محبت ڪندي ٿي شايد ان لاءِ آهي ته هوءَ ڪو بهتر مڙس ڳولهي سگهي، جيڪو سندس خوابن کي ساڀيان بخشي سگهي. ان کان سواءِ سنجها احساس محرومي هيٺ دٻيل ڪردار آهي، محبت جي نالي تي ساڻس ٿيل ڏوکن جي سبب سندس شخصيت ۾ اذيت پرستي وارو لاڙو به محسوس ڪري سگهجي ٿو.

”ڇوڪرين جي اڪثريت اهڙي قسم جي آهي، جيڪي پنهنجي آس پاس جي ماحول ۾ پنهنجي پيٽ ڪنديون آهن ته انهن کي پنهنجي پاڻ ۾ موجود خامين ۽ ڪوتاهين جو شديد احساس هوندو آهي. هو ٻين کي پنهنجي نسبت وڌيڪ مطمئن ۽ خوش محسوس ڪنديون آهن ته اڪيلائيءَ ۾ سوچينديون آهن ته جيڪڏهن مون ۾ هي ڪمي نه هجي ها ته آئون به وڌيڪ حسين، خوشحال ۽ مقبول هجان ها. هڪ پاسي معاشي بندشن جون زنجيرون آهن ته ٻئي پاسي وري ڪي ذهني خاميون نانگ جيان ڏنگينديون رهنديون آهن، نتيجو اهو نڪرندو آهي ته جڏهن هُو انهن خامين تي ضابطو ناهن ڪري سگهنديون ته انهيءَ احساس کي ختم ڪرڻ لاءِ هُو ڪو ٻيو منصوبو سوچينديون آهن، پر اڪثر ڇوڪرين ۾ اهڙي صلاحيت ئي ناهي هوندي ته هو شخصيت جي انهيءَ خال کي پورو ڪري سگهن.“(١٠)

مجموعي طور هن ڪردار جي نفسيات ۾ احساس ڪمتري، عدم تحفظ ۽ اذيت پرستيءَ جا گڏيل لاڙا ملن ٿا، جنهن جي ڪري ڪردار نهايت منجهيل، بي ترتيب ۽ ذاتي مفاد پرستيءَ جي خول ۾ ويڙهيل ڏيکاريو ويو آهي. ٻيو سنجها جو ڪردار پنهنجي ذات جي سڃاڻپ ۽ شعور جي آگاهيءَ کان به وانجهيل لڳي ٿو. هن کي عزت، وقار، عظمت ۽ مان مرتبي جي اهميت جو به علم ناهي ۽ نه ئي هن وٽ عقل، ڏاهپ، سچائي ۽ ايثار جهڙن آدرشي جذبن کي پرکڻ جو ڏانءُ آهي. انهيءَ کان سواءِ سنجها گهر جي ماحول سان اڻ نهڪندڙ ڪردار پڻ آهي. هن کي سدائين ماءُ کان اها شڪايت هوندي آهي ته هن کي ڏيئر نه، صرف پنهنجا پٽ پيارا آهن. انهيءَ کان علاوه هوءَ اهو به سمجهي ٿي ته ان کي ڪوبه ماڻهو سمجهي ناهي سگهيو، ايتري قدر جو گهر وارا به سمجهي نه سگهيا آهن. اهو به هڪ سبب آهي جو سنجها عملي زندگيءَ ۾ ذهني الجهاءَ جو شڪار رهي ٿي.

عورت جي اهڙي سوچ جي تشريح ڪندي جڳ مشهور نفسياتدان الفريد ايڊلر





چوي ٿو ته: ”اها ڇوڪري جيڪا پنهنجي ماءُ کان بيزار هجي ۽ ساڻس سدائين اٽڪندي هجي ته ان جو گهڻو امڪان آهي ته هوءَ احتجاج طور غير مردن سان جنسي لاڳاپا جوڙي وٺندي، رڳو ان ڪري ته سندس انهيءَ عمل سان ماءُ کي ڏک رسندو.“(١١)

پنهون، ’رهجي ويل منظر‘ ناول جو هيرو آهي. هو فائن آرٽس ۾ پڙهڻ کان سواءِ ڪهاڻيون لکندو آهي، شاعري، فوٽوگرافي ۽ پورٽريٽ ٺاهڻ سندس مشغوليون آهن.

پنهون پنهنجي دوست سان اڪثر سنڌ يونيورسٽي ايندو رهندو هو، جتي هن جي ملاقات يونيورسٽيءَ ۾ سنجها سان ٿي ۽ اتان ئي هن جي پيار جي ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿي. پنهون، سياءَ جو خوش مزاج، سلڇڻو، بهادر ۽ عاشق مزاج نوجوان آهي. هن جو تعلق مڊل ڪلاس طبقي سان آهي، حالتون سازگار نه هئڻ باوجود به پراعتماد رهندڙ بي ڊپو ڪردار آهي.

ٻاويهن سالن جو هي ڀِيرو نوجوان، سنجها کان اڳ به ڪيترين ئي ڇوڪرين سان رومانس ڪري چڪو هو، پر ڪا ڇوڪري هن جي دل ۽ دماغ تي ايڏي حاوي ناهي ٿيندي جيتري سنجها.

”تون نه پرڪشش هئين نه ايڏي خوبصورت پوءِ به تو ۾ ڪجھ هو، ڪا اهڙي ڇِڪ جنهن مون کي تو لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. اها ڇِڪ شايد يا يقينن تنهنجي انٽيلڪچوئلنس هئي، تو ۾ اهي سڀ ڳالهيون هيون، جيڪي بولڊ ڇوڪريءَ ۾ هئڻ گهرجن. ڇوڪرين جي ميڙ ۾ هوندي به سيني تي ڊامينٽ ڪندي هئين، ڪنفيوزن پنهنجي پاسي کان به نه لنگهندي هئي. ڳالهائڻ مهل تون پاڻ لاءِ ڳالهايل لفظن جي آخري لفظ ۾ ’و‘ جو اضافو ڪري ڇڏيندي هئين، جيئن

مان اڄ اوهان کي ڪمپني ڏئي نه ’سگهندوس‘

مان مري ويندوس.“(١٢)

هوريان هوريان ٻئي پريمي دنيا جي ڪاروهنوار کان پري ٿيندا هڪٻئي ۾ سمائجي ويندا آهن. سنجها کي وقت ڏيڻ لاءِ پنهون، فوٽوگرافيءَ واري نوڪري به ڇڏي ڏني، ڇاڪاڻ ته وٽس جذبا، نوڪريءَ کان وڌيڪ اتم آهن. ناول جي انهيءَ موڙ تي جڏهن ٻنهين جو عشق عروج تي هوندو آهي، تڏهن صبا نالي هڪ بيحد خوبصورت

ڇوڪري سندن وچ ۾ اچي ويندي آهي، جيڪا دل جي گهراين سان پنهونءَ کي چاهيندي آهي، پر پنهون، سنجها جو سچو عاشق آهي، هن وٽ محبوب کان سواءِ ٻئي فرد جي گنجائش ناهي، اهو صاف لفظن ۾ سندس پيار کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي.

ناول ۾ پنهونءَ جو ڪردار باوفا، سچي ۽ ايماندار عاشق وارو هو. هن وٽ پيار جي پرکڻ جا پنهنجا الڳ ماڻ ۽ ماپا آهن. هُو جسم ماڻڻ کي محبت جو موت تصور نہ ٿو ڪري بلڪ جسم جي حاصلات کي روح تائين رسائي جو هڪ ڏاڪو سمجهي ٿو. پنهون ظاهري سونهن کان وڌيڪ روحاني حسن ۽ ذهني هم آهنگي جو قائل آهي. جيتوڻيڪ پنهون، محبت جي معاملي ۾ اڻ تجربيڪار، اڻ واقف يا سيکڙات ناهي، سنجها کان اڳ بہ ڪيئي ڇوڪريون هن جي زندگيءَ ۾ آيون ۽ هليون ويون، سواءِ سنجها جي هن ڪنهن کي بہ ايترو نہ چاهيو، انهيءَ جو سبب ساڻس سچي محبت ۽ ذهني هم آهنگيءَ جو عنصر آهي. جڏهن ٻن پيار ڪندڙ وجودن جي وچ ۾ ساڳي ذهني هم آهنگيءَ جو جنم ٿيندو آهي تہ وجود جي خاليپڻي کي ان کان سواءِ دنيا جو ٻيو ڪوبہ فرد پري ناهي سگهندو. اتان ئي جدائيءَ جي صورت ۾ پنهونءَ جهڙي عاشق جو الميو پيدا ٿيندو آهي.

”ايئن سڄي ناول ۾ اسان کي پنهونءَ جي شخصيت جا اهڙا پاسا جرڪندي نظر اچن ٿا ۽ طارق عالم ابڙي، شعوري يا لاشعوري طور تي پنهونءَ ۾ اهي اولڙا پسايا آهن، جيڪي سنڌيت جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ ڪنهن حد تائين Passive Behavior جو اظهار ڪن ٿا.“(١٣)

مرڪزي ڪردارن سان گڏوگڏ صبا، ظهير، نصير، ٽيلي اسٽار، ناردمني، راحت حسين، گوتم، وفا ۽ چمپا، اهي ڪردار ناول جي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڀرپور حصو وٺن ٿا.

## منظر نگاري:

ناول ’رهجي ويل منظر‘ ۾ سماجي ۽ مادي منظر نگاريءَ جا ڪيترائي مثال موجود آهن، جيڪي نهايت دلڪش منظر نگاري پيش ڪن ٿا. ناول ۾ سماجي منظر نگاريءَ جو مثال ڏسو:





”اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي تو لاءِ منهنجون محبتون شديد ٿي ويون هيون، ان کان پوءِ ڏاڍي سٺي لڳڻ لڳي هئين بلڪل پاڻ جهڙي، محسوس ٿيو هئم ڄڻ تون انهن مڙني پيچرن کي پار ڪري چڪي هئين، جن کي پار ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪرو مرد ۽ ڇوڪري عورت بڻجي ويندي آهي.“(١٤)

طارق عالم ابڙو سڄاڻ ناول نگار آهي. سماجي منظر نگاريءَ ۾ هن وٽ ڪردارن جي نہ صرف خوبين ۽ خامين جو ذڪر آهي، پر هن ڪردارن جي اندروني ڪيفيتن جو بہ شاندار مثال ڏنو آهي. ناول جي هيرو پنهون واتان چورائي ٿو:

”هر وقت ڳلي ۾ ڪئميرا لٽڪائي شهر ۾ ٿيندڙ حادثن پٺيان ڊوڙندي سوچيندو رهندو هئس ڪا اهڙي ڪئيمرا بہ هجي، جيڪا اندر ۾ ٿيندڙ حادثن جا بہ فوٽو ڪڍي سگهي ها ۽ آئون پنهنجي اندر ۾ ٿي پيل اڻ ڪٿ حادثن جي فوٽوگرافز جي نمائش ڪرايا هان.“(١٥)

ناول ۾ خوبصورت منظر نگاريءَ جون ڪيتريون وارتائون تہ دل ۾ پيهي ويندڙ ۽ انتهائي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. ناول ۾ هڪ هنڌ ليکڪ درياءَ جو فطري منظر پيش ڪندي لکي ٿو تہ:

”ڪار ڄامشوري جي پل اورانگهي موڙ ڪٽي المنظر وٽ اچي وئي هئي، ٻريان سنڌو جون ڇڙواڳ لهرون، هوائن تي ململ جي ڪلي پيل ٿانن وانگي لهرائڻ لڳيون هيون. لهرن ڏانهن ڏسندي مون کي پنهنجو ٽريو دوست (مانيٽو اوٽو) ڏاڍو ياد آيو، جيڪو محبت جي ڳولا ۾ نڪتو هو ۽ نفرتن جي درياءَ ۾ ٻڏي ويو هو، ٻڏي ويو هو الائجي ٻوڙيو ويو هو.“(١٦)

ناول مان مادي منظر نگاريءَ جو خوبصورت اسلوب هيٺ پيش ڪجي ٿو.

”علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي مزار تي ڏاڍيون گهريون ڳالهيون ڪيون هيئي، منهنجي ڪاٻي پاسي ويٺل هئين، ايترو ويجهو جو مون کي محسوس ٿيو هو ڄڻ منهنجي ڪاٻي ڪُک سوني ٿي وئي هئي. ڏاڍو هوريان پئي ڳالهائيئي، ڄڻ تون منهنجي ڀر ۾ نہ، منهنجي قبر جي ڪتبي جي ڀر ۾ ويٺل هجين، تنهنجا نيڻ ساروڻيون بڻجي پيا هئا، نيڻ نہ هئا ڄڻ سرنهن جي ٽاري ۾ اٽڪل ٻہ جهنجهٽيون هيون، جيڪي ڪنهن بہ گهڙيءَ هوا جي زور تي ساروڻين جي ياد تي ڪري بہ سگهيون ٿي، ڪي اڏامي بہ سگهيون ٿي ڪنهن

ٻه ڏسا ڏانهن.“[١٧]

## مڪالما نگاري:

هن ناول ۾ طارق عالم ابڙو، ڪردارن کان مختلف واقعن تي ڏاڍا گهرا، معنيٰ خيز، من موهيندڙ، وقتائتا ۽ خوبصورت جملا ڳالهرائي ٿو.

ناول ۾ صبا جو پنهونءَ سان محبت جي منزل نه ماڻڻ تي مايوسي ۽ نراسائيءَ وچان ڪٿ تو ڪٿ مڪالمو سندس خوابن ۽ خواهشن جي اڻ پوري رهجي وڃڻ واري پسمنظر ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي:

”’ٻڌو آ ايريز رومانس جي سلسلي ۾ ڏاڍا انتها پسند هوندا آهن.‘

’منهنجو دوست به ايريز آهي، تون چاهين ته هاڻ به هو تو وٽ اچي سگهي ٿو، يقين ڪر هو توکي ڏاڍو پيار ڏيندو....‘

’تنهنجو دوست سنو آهي، پر مان هن سان عشق ڪرڻ جو تصور به نه ٿي ڪري سگهان.‘

’ڏاڍي بدقسمت آهين‘

ها تون نيڪ ٿي چئين، منهنجا خواب يا ته منهنجي گهر جي مٿين ڪمري جي روڊ طرف کلندڙ دري مان آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن يا وري پنهنجي خوابن جو ايبارشن ٿي ويندو آهي.“[١٨]

طارق عالم ابڙي وٽ ڪردارن جي فطرت ۽ طبيعت مطابق مڪالمن کي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ موجود آهي. ناول ۾ سنجها جا مڪالما، سندس فلرٽ طبيعت جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.

”رومانس تو جهڙن سان ڪري مڪمل لطف وٺي سگهجي ٿو، تو جهڙا جيڪي زندگي، موت، ڏک سک کان سواءِ سيڪس ۽ محبت کان پوءِ ايندڙ تباهڪارين بابت به ڪڏهن سامهون واري کي ڏسي، ڪڏهن پولارن ۾ گهوري لفظن جا خواب ناڪ ڪنول تارين ته ڪڏهن لفظن جا پاري پٽر هوائن جي سمنڊ ۾ ٻوڙڻ چاهيندا آهن.“[١٩]

سنجها، پنهونءَ سان بيوفائيءَ کان پوءِ، پنهونءَ جا صبا سان ڳالهايل جملا،





پنهونءَ جي سچائي ۽ معصوميت واري طبيعت جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا، سندس مڪالمن جي اهم خاصيت حقيقت نگاريءَ جو عنصر آهي.

”حساب ۾ ننڍي هوندي کان ڄڏو آهيان..... ميٽرڪ ۾ حسابن جو پيپر ٿي نه ڏيڻ ويو هوس..... صبا آٽوگراف ڏيڻ کان به ان ڪري لنوائيندو آهيان جو مون کي ڊيٽ لکڻي پوندي آهي..... ان مهل مون کان وسري ويندو آهي ته ٿياسي ۾ ٽي اڳيان ايندو يا پويان... مان ... مان دراصل اڳيان پويان جي چڪرن ۾ پوڻ نه چاهيندو آهيان، صبا، مان ... مان ڏيڻ چاهيندو آهيان بي حساب وٺڻ نه چاهيندو آهيان، بي حساب .....“[٢٠]

هن ناول ۾ ڪي مڪالما اهڙا ته سدا حيات آهن، جو هر پڙهندڙ کي انهن مڪالمن ۾ پنهنجي جذبن، احساسن ۽ اندر جي اڌمن جي عڪاسي ٿيندي نظر اچي ٿي. جيئن سنجها جي جدائيءَ کان پوءِ پنهون سندس عليحدگيءَ جو ڏک گهٽائڻ لاءِ چوي ٿو:

”ڪنهن جي ڇڏي وڃڻ سان ڪو مري ناهي ويندو پر وسارڻ لاءِ ڪي ڏينهن، ڪي مهينا، ڪي سال عذاب ڀوڳڻو پوندو آهي.“[٢١]

ٻي هنڌ جسماني ۽ روحاني محبتن جي تشريح ڪندي، پنهونءَ کان چورائي ٿو:

”جڏهن محبتون وڃائجي وينديون آهن، تڏهن چهاءُ پنهنجي سموري معنيٰ ۽ ڇڪ وڃائي ويهندو آهي ۽ مان جسمن سان نه، جذبن سان پيار ڪندو آهيان، جسم سان پيار ڪرڻ هجيم ها ته صبا سان وڃي چڪو هجان ها، اڄ ايڏو نه ڀوڳيان ها.“[٢٢]

## ٻولي ۽ اسلوب:

طارق عالم ابڙي جو هي ناول منفرد انداز ۽ اسلوب سبب رومانوي ناولن ۾ سر فهرست آهي. ناول جي ٻولي سولي، عام فهم ۽ سليس آهي، جيڪا هر پڙهندڙ سولائيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو، چاڪاڻ ته ناول، ادبي ماڻهو به پڙهندا آهن ته گهٽ پڙهيل لکيل ماڻهو به پڙهندا آهن. انهيءَ ڳالهه کي مدِنظر رکندي پوري ناول ۾ ليکڪ سليس نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي.

ناول جي ٻولي جي دلڪشي ۽ خوبصورتيءَ بابت مختيار احمد ملاح پنهنجي

ڪتاب ’سنڌي ناول جي مختصر تاريخ‘ ۾ هن ريت لکي ٿو ته: ”ناول جي ٻي خوبي اِها آهي ته هن ۾ رومانوي جذبن ۽ خواهشن کي ٻي ترتيب يا تصوراتي نموني چٽڻ بدران فطري طرح اپٽار ڪيل آهي، اهڙي طرح تمام سٺين تشبيهن وسيلي لفظن جو اظهار ڪيل آهي. مطلب ته ناول جي ٻولي انتهائي دلڪش آهي. مثال طور: رڻ منهنجي چپن جي نڪاءُ تي پڙڪو ڏئي اڏامي ويل ڳيري جيئن نڪري وئي پئي.“[٢٣]

هن جديد ناول جي هڪ خوبي اها آهي جو، طارق عالم ابڙي هن ناول ۾ نين تشبيهن ۽ استعارن ذريعي جيڪا جدت ۽ نواڻ آندي آهي يا انهن جو جيڪو شاندار استعمال ڪيو آهي، ان جو مثال نثر ۾ موهن ڪلپنا کان پوءِ نٿو ملي.

ناميارو ڪهاڻيڪار ڪيهر شوڪت چوي ٿو ته: ”ڪلپنا کان پوءِ طارق ئي اهو ليکڪ آهي، جنهن جديد نيون خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن.“[٢٤]

ناول ۾ پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح بنهه گهٽ آهن، باقي تشبيهون ۽ استعارا ڏاڍي سهڻي ۽ منفرد انداز سان بيان ٿيل آهن. مثال طور:

”ڪس تير تاڻيل ڪمان جهڙن چپن جو نه، ماکيءَ سان ڀري اڳتي وڌائي ڏنل سپين جهڙن چپن جو نالو هوندو آهي.“[٢٥]

”صبا جا جملا سقراط جي آخري تقرير جي سٽن جيترائي امر لڳا.“[٢٦]

”خواب ڪڏهن به سايپان نه ٿيندڙ خواهشن جا ڌنڌلا عڪس هوندا آهن.“[٢٧]

هن ناول جي ٻوليءَ بابت اياز گل چوي ٿو ته: ”شاعري توڙي ٻين ادبي لکڻين ۾ سياري جي صبح جي تڙڪي جهڙيون تشبيهون، ٻي جان بوتي ۾ به ساهه ڦوڪڻ جي سگهه رکن ٿيون.

هو پيرن مان ڪاوڙ جي ڌوڙ اڏائيندو هليو ويو هو

ان وقت اهو ڇوڪرو گلوڪوز جو ڀريل گلاس لڳو هئم

مان جيڪو ڇڙواڳ هوائن جيان هوندو هوس، توسان ملي ڍنڍ ۾ بيٺل پاڻيءَ جيان ٿي پيو هوس

ڇهجي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪري شاديءَ ۾ گهوريل گلابن جهڙي ٿي پوندي آهي

اسان سيئي فليٽس جي ديوارن جيان هڪٻئي جي آسري تي بيٺل آهيون.“[٢٨]





لفظن جي سهڻي چونڊ ۽ نج سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي استعمال سبب ناول وڌيڪ پرڪشش ۽ جاندار ٿي پيو آهي. مثال طور: مڳي، هوڏ، پيچرا، اڪٺ، ڏوڪڙ، اڏيڪار، ڪامندو، ڪان، ڇانيرو، آٿريو، ابت ڪنڌڙي، سنواٽي، گهوماٽي، ڳراٽڙي، اوسيئڙو، مرٽينگ، ڪارانجي ۽ سيرون وغيره، اهڙي قسم جي اڪٺ نج سنڌي ٻوليءَ جي لفظن سان ناول ڀريو پيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ انگريزي ٻوليءَ جا لفظ به استعمال ٿيل آهن.

**مقصديت:**

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جي زندگيءَ تي لکيل، هن رومانوي ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي پڻو موجود آهي، جنهن ۾ رُسڻ آهي ته پرچڻ به آهي، ڏک آهي ته سک به آهي. ناول ۾ محبت ۽ ميلاپ جون حسناڪيون به ملن ٿيون ته وڇوڙي جهڙو دل سوز واقعو به ملي ٿو. هن ناول ۾ ليکڪ، گهر وارن کان ويندي دوستن تائين جي اڻ سهندڙ روين سان گڏ سماجي برائين ۽ پلاين جي اپٽار ڪندو هلي ٿو. ناول ’رهجي ويل منظر‘ ۾ طارق عالم ابڙي پنهنجي زندگيءَ جو ذاتي تجربو، مشاهدو ۽ تخليقي سگهه ڪتب آندي آهي، جنهن جي ڪري هي ناول، زندگيءَ جو حقيقي ۽ سچو عڪس پيش ڪري ٿو. مطلب ته هي ناول، زندگيءَ جي سمورن مثبت ۽ منفي جذبن ۽ احساسن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.

**نتيجو:**

مجموعي طور ناول جي تنقيدي جائزي کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته هي ناول تصوراتي يا خيالي ڪونهي، پر هن ۾ ليکڪ پنهنجي حقيقي ۽ سچي زندگيءَ جا اولڙا پسايا آهن. اهڙيءَ ريت ناول جي سموري ڪهاڻي حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهي. ناول جي ٽيڪنيڪ، انداز بيان ۽ نثري اڻت بيحد متاثر ڪندڙ آهي. طارق عالم ابڙي مها ڪاريگر وانگر هن ناول کي اُڻيو آهي جو لکاءَ جي خبر ئي ڪانه ٿي پئي.

مضبوط پلاٽ، اعليٰ ڪردار نگاري، بهترين منظرڪشي، وڻندڙ مڪالما ۽

خوبصورت ٻولي هن ناول کي فني لحاظ کان مختلف ۽ منفرد بڻائن ٿا. هن ناول کي ڊيگهه ۽ واقعن جي ورجاءَ کان بچايو ويو آهي. هُو، ڪردارن کان انهن جي شخصيت ۽ حيثيت سان ٺهڪندڙ مڪالما چورائڻ جو هنر رکي ٿو. ناول جي مرڪزي ڪردار سنجها ڳالهائڻ وقت لفظن جي آخر ۾ 'و' جو اضافو ڪري ڇڏيندي هئي، طارق عالم ابڙي، ان ڪردار کي ساڳئي انداز ۾ گفتگو ڪندي ڏيکاري ٿو.

هاڻ جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ناول جي ٻولي جي ته ناول جي ٻولي جديد، خوبصورت تشبيهن ۽ استعارن سان ٽمٽار تخليقي ٻولي آهي، اهڙي ريت هي ناول فني ۽ فڪري لحاظ کان مڪمل ناول چئي سگهجي ٿو، يعني رومانوي انداز ۾ لکيل هي ڪيمپس ناول، سنڌي ناول نگاريءَ ۾ هڪ نئين روايت جو بنياد بڻيو ۽ هن ناول کان پوءِ ڪيترائي ناول ساڳئي پلاٽ ۽ ڪهاڻيءَ تي لکيا ويا آهن.

ڪنهن به ناول جي مقبوليت ۽ ڪاميابيءَ جو اهو ئي وڏو دليل آهي ته هُو ٻين تي ڪيترو اثرانداز ٿئي ٿو، ان حساب سان به 'رهجي ويل منظر' هڪ ڪامياب ناول آهي.

## حوالا


١. گاڏهي، همسفر، (ليکڪ)، رند، علي احمد، ايڊيٽر، پندرهن روزه ميگزين افيئر، ڪراچي، ١٥ جون ٢٠١١ع، ص: ٢٧.
٢. ولڀ ولي رام، (ليکڪ)، منصور نثار، ايڊيٽر، ماهوار پرک، پورب پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ٢٠٠٣ع، ص: ۴۴.
٣. ابڙو، پرويز، 'تون هڪ خواب آهين'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٨ع، ڇاپو ٻيو، ص: ٥۴.
۴. ساڳيو، ص: ١٩٥.
٥. ساڳيو، ص: ٢٧.
٦. ڏاهري، محمد بخش، (ليکڪ)، ڊول، فقير، مرتب: 'طارق عالم نمبر'، امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد، اپريل ٢٠١١ع، ص: ١٥٣.
٧. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٣ع، ڇاپو ٽيون، ص: ٥.
٨. آدرش، ڄام، (ليکڪ)، ڊول، فقير محمد، 'امرتا'، امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد، اپريل ٢٠١١ع، ص: ١١٥.







٩. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٦ع، ڇاپو پنجون، ص: ٥.
10. اختر، سليم، ڈاکٹر، 'عورت، جنس اور جذبات'، سنگ میل پبلی کیشنز، لاہور، 1999ع، ص:67،66.
11. اختر، سليم، ڈاکٹر، 'تین بڑے نفسیاتدان'، سنگ میل پبلی کیشنز، لاہور، 2006ع، ص:222.
١٢. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٦ع، ڇاپو پنجون، ص: ١١.
١٣. سولنگي، حبدار، 'صبح جو ستارو'، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، ٢٠١٥ع، ص: ٢٦٧.
١۴. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٦ع، ڇاپو پنجون، ص: ١٦.
١٥. ساڳيو، ص: ٢٣.
١٦. ڊول، فقير محمد، 'امرتا'، امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد، اپريل ٢٠١٢ع، ص: ١١۴.
١٧. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، ٢٠٠٠ع، ڇاپو پنجون، ص: ٣١.
١٨. ساڳيو، ص: ۴٨.
١٩. ساڳيو، ص: ٦٩.
٢٠. ساڳيو، ص: ١۴١.
٢١. ساڳيو، ص: ٢٢.
٢٢. سميجو، اسحاق، ايڊيٽر، 'سارنگا'، شمارو چوٿون، جون ٢٠١١ع، آڪاش پرنٽنگ پريس، حيدر چوڪ، حيدرآباد، ص: ١٥۴.
٢٣. ملاح، مختيار احمد، 'سنڌي ناول جي مختصر تاريخ'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص: ٣٠١.
٢۴. حبدار سولنگي، 'صبح جو ستارو'، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، ٢٠١٥ع، ص: ١٠.
٢٥. ابڙو، طارق عالم، 'رهجي ويل منظر'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، ٢٠٠٠ع، ڇاپو پنجون، ص: ١١١.
٢٦. ساڳيو، ص: ١١٢.
٢٧. ساڳيو، ص: ١۴٩.
٢٨. منصور، نثار، 'پرک'، پورب پرنٽنگ پريس، ڪراچي، ٢٠٠٣ع، شمارو جنوري، فيبروري، ص: ٣٥.